وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَحَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾

(١١١) ۽ (يقين ڄاڻو ته) جيڪڏهن اسان هنن (ڪافرن) ڏي فرشتا موڪليون ۽ (قبرن مان) مردا (اٿي) ساڻن ڳالهائين ۽ جيتريون به شيون (دنيا ۾) آهن، اهي سڀ سندن اڳيان ڪٺيون ڪيون تڏهن به هو اهڙا ناهن جو ايمان آڻين، سواءِ هن جي جو خود خدا جو اهڙو حڪم يا مرضي هجي، پر هنن مان گهڻا جاهل آهن جي (اها حقيقت) نٿا ڄاڻن.

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُوْرًا ۭ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾

(١١٢) ۽ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح اسان هرهڪ نبيءَ جي لاءِ (جڏهن هن ماڻهن کي حق جي دعوت ڪئي) انسانن ۽ جنن مان جيڪي شيطان هئا تن کي (انهيءَ نبي جو) دشمن ڪيو. جي شيطان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي خالي ڏيکاءُ جون سهڻيون ڳالهيون سيکاريندا هئا، انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي ٺڳي گمراه ڪن ۽ جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها ته (ائين ڪري سگهي ها جو) هو دشمني نه ڪن ها (پر الله جي حڪمت جو فيصلو ئي اهو آهي ته هتي دنيا ۾ روشنيءَ سان گڏ اونداهي ۽ حق سان گڏ باطل به هجي) پوءِ (اي پيغمبر هنن جي مخالفت کان دل شڪستو نه ٿيءُ ۽) ڪين سندن ڪوڙن ٺاهڻ جي مشغولين ۾ ڇڏي ڏي.

وَلِتَصْغٰٓى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

(١١٣) ۽ (اهي دشمن اهڙيون ڳالهيون هن لاءِ سيکارين ٿا) ته جيڪي ماڻهو آخرت ۾ يقين نٿا رکن تن جون دليون (ٺڳيندڙ ڳالهيون ٻڌي) انهن جي طرف جهڪي پون ۽ انهن جون ڳالهيون پسند ڪن ۽ جهڙا بدعمل اهي (شيطان) پاڻ ڪن ٿا تهڙا هو به ڪرڻ لڳن.

اَفَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ۭ وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾

(١١٤) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کان پڇ ته) ڇا (توهان هي ٿا چاهيو ته) مان (اوهان جي ۽ پنهنجي وچ ۾) فيصلو ڪرڻ لاءِ خدا کان سواءِ ٻيو جج ڳوليان؟ حالانڪ اهوئي آهي جنهن اوهان تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي. جو کولي کولي (ڳالهيون) ٻڌائڻ وارو آهي، ۽ (ڏسو) جن ماڻهن کي (توهان کان اڳي) اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني يهودي ۽ نصاريٰ) سي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته قرآن اوهان جي پروردگار جي طرف کان سچائيءَ سان نازل ٿيو آهي. پوءِ انهن ماڻهن مان نه ٿيو جي (خدا جي فيصلي بابت) شڪ آڻيندڙ آهن.

وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَّعَدْلًا ۭ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾

(١١٥) ۽ (ياد رکو ته) توهان جي پروردگار جو قول سچائي ۽ عدل سان پورو ٿيندو. سندس قول (يا قانون) کي بدلائڻ وارو ڪو به ڪونهي. هو سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ

(١١٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن جو چوڻ مڃين جي اڄ روءِ زمين تي سيني کان گهڻا آهن ته اهي توکي خدا جي راھ کان

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿۱۱۶﴾

پٽڪائي ڇڏيندا (ڇو ته اهي سڀ گمراه ٿيل آهن.) اهي فقط گمان جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ فقط شڪ ۽ گمان ۾ ڪوڙيون ڳالهيون ۽ خيال ٺاهي رهيا آهن.

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۱۷﴾

(١١٧) بيشڪ تنهنجو پررودگار ئي هي ڳالهه بهتر ڄاڻندڙ آهي، ته ڪير سندس راهه کان هٽي گمراه ٿي ويو آهي ۽ ڪير آهن جن حق جي واٽ لڌي آهي.

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۸﴾

(١١٨) پوءِ (گمراهن جي وهمن ۽ گمانن جي پيروي نه ڪيو ۽ جنهن (جانور) تي خدا جو نالو ورتو ويو آهي، سو بيشڪ ڪائو جيڪڏهن توهان خدا جي آيتن تي ايمان رکو ٿا.

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

(١١٩) ۽ توهان کي ڪهڙي ڳالهه روڪي ٿي ته جنهن (جانور) تي خدا جو نالو ورتو ويو آهي، سو نه ڪائو (۽ مشرڪن جي وهمن جي اثر هيٺ اچو)؟ حالانڪ جيڪي اوهان لاءِ حرام ڪيو ويو آهي سو خدا کولي کولي بيان ڪري ڇڏيو آهي، پر مجبوريءَ جي حالت توهان کي ڪجهه (حرام) ڪائڻ تي مجبور ڪري ته پوءِ توهان تي گناه ڪونهي، ۽ گهڻائي ماڻهو اهڙا آهن جي علم کان سواءِ فقط پنهنجي نفساني خواهشن کان ماڻهن کي ڀلائين ٿا. (تون اي پيغمبر ڄاڻ ته) تنهنجو پروردگار انهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جي (حدن کان ٻاهر لنگهي) زيادتي ڪندڙ آهن.

وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿۱۲۰﴾

(١٢٠) ۽ (ڏسو) ظاهري گناه هجي توڙي لڪل گناه هجي، هر حال ۾ گناه جون ڳالهيون ۽ عمل ترڪ ڪري ڇڏيو. جيڪي ماڻهو گناه ڪمائين ٿا سي (ماڻهن کان ڪٽي ڪيترو به لڪائين پر) جيڪي به ڪن ٿا تنهن جو بدلو ضرور ڪين ملندو.

وَلَا تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى اَوْلِيٰٓئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ ع

(١٢١) ۽ جنهن جانور تي خدا جو نالو نه ورتو ويو آهي، تنهن جو گوشت نه ڪائو. ان مان ڪائڻ بيشڪ نافرماني آهي. ۽ (ڏسو) شيطان ته پنهنجي ساٿين جي دلين ۾ وسوسا وجهندا رهن ٿا، انهيءَ لاءِ ته توهان سان ڪج بوٿي ڪن (يعني ڏنگا ڦڏا دليل ڏين) جيڪڏهن توهان انهن جو چوڻ مڃيو ته پوءِ سمجهو ته توهان شرڪ ڪرڻ وارن سان ٿي پيؤ.

## رڪوع 15

### ايمان زندگي آهي ۽ علم ۽ بصيرت جي روشني آهي.

اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِي

(١٢٢) پوءِ ڇا اهو ماڻهو جو مئل هو ۽ اسان هن کي جيئرو ڪيو ۽ اسان هن جي لاءِ نور ٺهرايو جنهن جي روشنيءَ سان ماڻهن ۾ (بي ڊپائيءَ سان) گهمي ڦري، سو انهيءَ ماڻهو جهڙو ٿي سگهي ٿو، جو اونداهين ۾ غلطان

الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٢﴾

آهي ۽ انهن مان ٻاهر نڪرڻ جي واهه ئي ڪانهيس؟ (هرگز هڪ جهڙو ٿي نٿو سگهي. سو ڏسو ته جهڙيءَ طرح هڪ شخص اونداهين ۾ غلطان هوندي پنهنجي حالت تي راضي رهي ٿو) تهڙيءَ طرح ڪافرن جي نظر ۾ اهي ئي ڳالهيون سهڻيون ۽ چڱيون لڳن ٿيون جيڪي هو ڪندا رهن ٿا (دلين تي مهر ۽ ڪنن تي پردو ائين ٿو چڙهي).

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾

(١٢٣) ۽ (ڏسو جهڙيءَ طرح مڪي جا سردار حق جي دعوت جي مخالفت ڪن ٿا) تهڙيءَ طرح هرهڪ ڳوٺ ۾ ان ڳوٺ جي بدڪار ماڻهن جا سردار بنايا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته اتي اهي مڪر ۽ فريب جو ڄار پکيڙين. (يعني اسان جي ٺهرايل قانون مطابق سوسائٽي يعني گڏجي رهندڙ ماڻهن جي حالت ئي ائين آهي) ۽ حقيقت ۾ اهي سردار پاڻ سان ئي مڪر ۽ فريب ٿا ڪن پر ڪين اها خبر ڪان ٿي پوي.

وَاِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ رُسُلُ اللّٰهِ ؔ ۘ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسَالَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا كَانُوْا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٤﴾

(١٢٤) ۽ جڏهن هنن وٽ (سچائي جي) ڪا نشاني اچي ٿي تڏهن چون ٿا ته اسان هرگز تيستائين ايمان نه آڻينداسين جيستائين اسان کي اهڙي ئي ڳالهه (معجزو) نه ملي جهڙي الله جي رسولن کي ملي هئي. (حالانڪ) الله ئي بهتر ڄاڻندڙ آهي ته ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ طرح پنهنجا پيغمبر موڪلي ۽ ڪهڙيءَ طرح اهي رسالت جا فرض ادا ڪن. جي ماڻهو (حقيقت ڪان منهن موڙڻ جو) گناه ڪن ٿا تن کي جلد خدا جي حضور ۾ خواري ۽ ڏڪار نصيب ٿيندي ۽ جيڪي مڪاريون هو ڪندا رهيا آهن تن جي عيوض ۾ ڪين سخت عذاب ملندو.

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾

(١٢٥) پوءِ جنهن جي لاءِ خدا چاهي ٿو ته ڪيس (سعادت ۽ ڪامراني جي) راه تي لڳائي تنهن جو سينو اسلام جي لاءِ کولي ٿو ڇڏي. ۽ جنهن لاءِ (سچائيءَ جي) واٽ گم ڪرڻ چاهي ٿو، تنهن جي سيني کي اهڙيءَ طرح تنگ ۽ بند ڪري ٿو ڇڏي جو ڄڻ ته اپ ڪپري مٿاهينءَ ڏي چڙهي رهيو آهي (۽ دم گهٽجي رهيو اٿس) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي عذاب ڪري ٿو جي (خد جي سچائيءَ تي) ايمان نٿا رکن.

وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾

(١٢٦) ۽ هي (اسلام جي راهه) توهان جي پروردگار جي (ڏيکاريل) سڌي راهه آهي. بيشڪ اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جي نصيحت تي ڌيان ڏيڻ وارا آهن (حق جي راهه جون) نشانيون کولي کولي بيان ڪري ڇڏيون آهن.

لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٧﴾

(١٢٧) انهن ئي ماڻهن جي لاءِ (جن خدا جي ڏيکاريل سڌي واٽ تي قدم کنيو) سندن پروردگار وٽ سلامتي ۽ عافيت جو گهر آهي، ۽ جيڪي (نيڪ) عمل هو ڪري رهيا آهن ۽ ڪندا رهندا تن سببان هو (الله تعاليٰ) هنن جو مددگار ۽ رفيق آهي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ وَقَالَ اَوْلِيٰٓؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ۭ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَاۗءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢٨﴾

(١٢٨) ۽ (ڏسو) جنهن ڏينهن خدا هنن سڀني کي (پاڻ وٽ) گڏ ڪندو (تڏهن فرمائيندو تہ) اي جنن (يعني شيطانن) جي ٽولي توهان تہ انسان مان وڏو تعداد (پنهنجي وسوسن وجهڻ سان پاڻ سان شامل ڪري ورتو، ۽ انسانن مان جيڪي ماڻهو سندن ساٿي ٿيا ۽ شامل ٿي رهيا سي (انهيءَ ڏينهن حقيقت ڏسي مجبور ٿي) چوندا تہ اي پروردگار (دنيا ۾) اسان هڪ ٻئي کان (گمراهي ۽ شرارت جي ڪمن ۾) فائدو وٺندا رهياسين. (يعني گمراه انسانن شيطانن جو هٿ ورتو ۽ شيطانن انسانن جو هٿ ورتو) ۽ (آخر) ميعاد (اجل) جي انهيءَ منزل تائين پهچي وياسين جا تو اسان جي لاءِ مقرر ڪئي هئي (هاڻي فيصلو تنهنجي هٿ ۾ آهي) خدا تعاليٰ فرمائيندو تہ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ جي باهہ آهي، انهيءَ ۾ هميشہ رهندؤ، سواءِ ان جي جيڪي الله تعاليٰ چاهي. بيشڪ تنهنجو پروردگار وڏي حڪمت رکندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي.

وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًاۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٢٩﴾

(١٢٩) ۽ (ڏسو تہ) اهڙيءَ طرح اسان ڪن ظالمن (گنهگارن) کي ٻين ظالمن تي غالب (۽ ظلم ڪندڙ) ڪيون ٿا ڇو تہ هو (پنهنجي بدعملين سان) بدي ڪمائيندا رهيا آهن.

رڪوع 16

**مشرڪن جا غلط عقيدا، بدعمل، ڀرم، سنسا ۽ وهم**

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَاۗءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۭ قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰٓي اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿١٣٠﴾

(١٣٠) (قيامت جي ڏينهن اسان پڇنداسين تہ) اي جنن ۽ انسانن جي جماعت! (توهان جو پنهنجون گمراهيون اڄ قبول ڪري رهيا آهيو سو) ڇا توهان وٽ توهان ئي منجهان اسان جا پيغمبر ڪونہ آيا هئا؟ هنن توهان کي اسان جون آيتون ڪونہ ٻڌايون هيون؟ ۽ اڄ جو ڏينهن، جو توهان جي پيش آيو آهي، تنهن کان ڪونہ ڊيڄاريو ۽ خبردار ڪيو هو؟ "هو عرض ڪندا تہ اي خدا اسان پنهنجي خلاف شاهدي ڏيون ٿا (تہ برابر رسول آيا هئا ۽ اسان کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو هئائون پر اسان سندن چوڻ نہ مڃيو. حقيقت هيءَ آهي تہ) دنيا جي (ٿورن ڏينهن جي) زندگيءَ هنن کي فريب ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيئي رهيا آهن تہ بيشڪ اسان سچائيءَ کان انڪار ڪرڻ وارا هئاسين.

ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰي بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾

(١٣١) (اي پيغمبر!) هيءُ (پيغمبرن جو ظهور ۽ حق جي دعوت جو اعلان) هن ڪري ٿيو جو تنهنجي پروردگار جو هي دستور ناهي تہ هو بي انصافيءَ سان ڳوٺن کي تباهہ ڪري ڇڏي، جڏهن اتي جا رهندڙ (حق جي راهہ کان) بي خبر هجن.

وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۲﴾

(١٣٢) ۽ (الله جي قانون مطابق) سيني جا درجا سندن ڪمن مطابق (الڳ الڳ) آهن (۽ انهن درجن موجب هنن کي نتيجا ملن ٿا) ۽ جيڪي جيڪي عمل انسان ڪن ٿا تن کان تنهنجو پروردگار غافل ناهي (ماڻهن جي سيني عملن جي خبر ڪيس پوي ٿي ۽ انهن موجب جزا ۽ سزا ڏئي ٿو.)

وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ؕ

(١٣٣) توهان جو پروردگار بي نياز (ڪنهن جو به محتاج نه آهي) ۽ رحمت وارو آهي. (سندس رحمت جي تقاضا آهي ته ظلم ۽ فساد قائم نه رهي) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان (ظالمن ڪافرن) کي هٽائي ڇڏي ۽ اوهان جي پٺيان جنهن (جماعت) کي چاهي تنهن کي اوهان جو جانشين بنائي، جهڙيءَ طرح هن اوهان کي هڪ ٻيءَ قوم جي نسل مان اٿاري ڪڙو ڪيو آهي.

اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۱۳۴﴾

(١٣٤) جنهن ڳالهه جو توهان کي واعدو ڪيو ويجي ٿو اها ڳالهه يقيناً اچڻ واري آهي ۽ توهان جي وس ۾ ناهي جو (خدا کي) مجبور ڪيو (۽ ان ڳالهه کي روڪي ڇڏيو).

قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۱۳۵﴾

(١٣٥) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو ته، اي منهنجي قوم! (جيڪڏهن توهان جهل ۽ انڪار کان باز نٿا اچو ته منهنجو ۽ اوهان جو فيصلو خدا جي هٿ ۾ آهي) توهان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا رهو ۽ مان به (پنهنجي جاءِ تي) ڪم ڪندو رهان ٿو. جلدئي اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته آخرڪار ڪهن جي پڇاڙي چڱي آهي. يقيناً ظلم ڪرڻ وارا ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندا (هيءَ پيشنگوئي جلد ئي پوري ٿي هئي.)

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۱۳۶﴾

(١٣٦) ۽ (ڏسو ته) جيڪي به خدا پوکن ۽ جانورن مان پيدا ڪيو آهي، تنهن مان هڪ حصو هي (مشرڪ) پنهنجي غلط خيال موجب خدا جي واسطي ٺهرائين ٿا ۽ چون ٿا ته، هيءُ حصو الله جي لاءِ آهي ۽ (هڪ حصو بتن جي لاءِ ٺهرائي چون ٿا ته) هي حصو انهن لاءِ آهي جن کي اسان خدا سان شريڪ ٺهرايو آهي، پوءِ جيڪي سندن ٺهرايل شريڪن جي لاءِ آهي، سو خدا جي طرف نٿو پهچي (يعني ان مان خدا جي لاءِ خرچ نٿا ڪري سگهن) پر جيڪو حصو خدا جي لاءِ آهي سو انهن جي (ٺهرايل) شريڪن جي طرف پهچي وڃي ٿو. (يعني خدا جي ٺهرايل حصي ۾ بتن جي لاءِ خرچ ٿئي ته ڪجهه به فڪر ڪونهي) اهو فيصلو جو اهي ماڻهو ڪن ٿا سو ڪهڙو نه برو آهي!

وَكَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ

(١٣٧) ۽ (ڏسو ته) اهڙيءَ طرح گهڻا ئي مشرڪ آهن جن جي (ٺهرايل) شريڪن، هنن مشرڪن جي نظر ۾ اولاد جي قتل (جهڙو وحشي ڪم به) سهڻو ۽ چڱو ڪري ڏيکاريو آهي. انهيءَ لاءِ ته ڪين (يعني مشرڪن کي) تباهيءَ ۾ وجهن ۽ سندن دين جي واٽ مونجهاري واري ڪري ڇڏين. (اي

فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾

پيغمبر!) جيڪڏهن خدا چاهي ها ته هو اهي ڪم نه ڪن ها. (يعني هنن جي طاقت ڪسي وٽي ها، پر سندس حڪمت جو فيصلو اهوئي آهي ته هر طرح جون واٽون ۽ عمل هجن) تنهن ڪري تون ڪين ۽ سندن ڪوڙن ٺاهڻ کي سندن حال تي ڇڏي ڏي (هو تنهنجي چوڻ سان ايمان ڪونه آڻيندا).

وَقَالُوْا هٰذِهٖٓ اَنْعَامٌ وَّحَرْثٌ حِجْرٌ ۖ لَّا
يَطْعَمُهَآ اِلَّا مَنْ نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَاَنْعَامٌ
حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَاَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ
اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ۭ سَيَجْزِيْهِمْ
بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾

(١٣٨) ۽ هو چون ٿا ته هي جانور ۽ هي پوک منع ڪيل آهن. انهن کوبه ڪائي (ڪم آڻي) نٿو سگهي، سواءِ انهيءَ ماڻهو جي جنهن کي اسان پنهنجي خيال مطابق کارائڻ چاهيون. (يعني جن بتن جو نذر ڪري ڇڏيون تن جا مجاور کائي سگهن ٿا. ٻين لاءِ جائز ناهن) ۽ (اهڙيءَ طرح) ڪي جانور آهن جن جي پٺي (تي سوار ٿيڻ يا بار کڻڻ سندن خيال موجب) حرام آهي، ۽ ڪي جانصر اهڙا آهن جن تي الله جو نالو نٿا وٺن، چو ته خدا تي ڪوڙ ٺاهي هنن اهو طريقو ڪڍيو آهي. سو جيڪي افترا پردازيون (ڪوڙ ٺاهڻ) هو ڪن ٿا تن لاءِ خدا کين جلد ئي سزا ڏيندو.

وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ خَالِصَةٌ
لِّذُكُوْرِنَا وَمُحَرَّمٌ عَلٰٓي اَزْوَاجِنَا ۚ وَاِنْ يَّكُنْ
مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ۭ سَيَجْزِيْهِمْ
وَصْفَهُمْ ۭ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٣٩﴾

(١٣٩) ۽ (مشرڪ) چون ٿا ته هنن ڍورن جي پيٽ مان جيڪو جيئرو ڦر ڄمندو سو اسان جي مردن لاءِ حلال آهي، پر اسان جي عورتن لاءِ حلال ناهي ۽ جيڪڏهن مئل هوندو ته پوءِ (ان جي کائڻ ۾ مرد ۽ عورتون) سڀ شريڪ آهن. (ڪهڙي نه بي وقوفيءَ جي ڳالهه آهي جا هو چون ٿا). اهو وقت ويجهو آهي جڏهن خدا کين سندن هنن (بي اصول) ورهاڱن جي سزا ڏيندو، بيشڪ الله تعاليٰ حڪمت وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًۢا
بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّحَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً
عَلَي اللّٰهِ ۭ قَدْ ضَلُّوْا وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾

(١٤٠) يقيناً اهي ماڻهو تباهه ۽ برباد ٿيا جن جهالت سببان پنهنجو اولاد (پنهنجي هٿن سان) قتل ڪيو، ۽ جيڪو رزق خدا هنن جي لاءِ پيدا ڪيو آهي تنهن کي خدا تي ڪوڙ ٺاهي حرام ٺهرايو، بيشڪ هو گمراهه ٿي پيا ۽ سڌي واٽ تي هلڻ وارا نه هئا.

## رکوع 17

## فصل لهڻ وقت ڪجهه خدا جي راهه ۾ ڏيڻ ٻه گهرجي

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ
مَعْرُوْشٰتٍ وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَ
الزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۭ
كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ
حَصَادِهٖ ڮ وَلَا تُسْرِفُوْا ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ
الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾

(١٤١) ۽ (ڏسو ته) اهو خدا ئي آهي جنهن (طرحين طرحين وڻن جا) باغ پيدا ڪيا، ڪي منهن تي چڙهايل (جيئن ڊاک جون وليون) ۽ ڪي بنا مَنهن جي (جيئن عام وڻ آهن) ۽ پڻ ڪجيءَ جا وڻ ۽ پوکون پيدا ڪيائين جن جا ميوا جدا جدا قسمن جا ٿين ٿا، پڻ زيتون ۽ ڏاڙهن جا وڻ پيدا ڪيائين جن مان ڪي صورت شڪل ۾ هڪ جهڙا ته ڪي وري مخلتف، سو (خدا جا پيدا ڪيل) ميوا شوق سان کائو، جڏهن اهي وڻن ۾ پيدا ٿين ۽ پچن، ۽ اوهان کي گهرجي ته جڏهن فصل ڪٽو تڏهن هن جو (يعني خدا جو) حق به ڏيندا ڪريو، (يعني خدا جي راهه ۾ صدقو ۽ زڪوات ڪيندا ڪريو) ۽ اسراف نه ڪيو، خدا انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي اسراف ڪندڙ آهن.

وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ؕ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۙ﴿۱۴۲﴾

(١٤٢) ۽ (ڏسو ته) انهيءَ ئي خدا (اوهان جي لاءِ) ڍورن مان ڪي بار کڻڻ لاءِ پيدا ڪيا، (جيئن گڏھ، خچر ۽ اٺ) ۽ ڪي زمين سان لڳل (يعني ننڍي قد وارا جي سواري ۽ بار کڻڻ جي ڪم نٿا اچي سگهن جهڙوڪ رڍون ۽ ٻڪريون) سو جيڪي جيڪي خدا توهان جي روزيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي سو (بي ڌڙڪ) کائو ۽ شيطان جي قدمن تي نه هلو. بيشڪ هو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۙ﴿۱۴۳﴾

(١٤٣) ڍورن مان (جن جو گوشت کائجي ٿو) اٺ قسم پيدا ڪيائين، رڍن مان ٻه قسم (يعني نر ۽ مادي) ۽ ٻڪرين مان به ٻه قسم (عيني نر ۽ مادي) (اي پيغمبر! تون انهن ماڻهن کان) پڇ ته (توهان جو پنهنجي وهم ۽ خيال منجهان حلال ۽ حرام جا قاعدا ٺاهيا آهن سو ٻڌايو ته) خدا انهن مان ڪهڙو جانور حرام ڪيو آهي؟ ٻنهي قسمن جي نرن کي يا مادين کي؟ يا وري انهيءَ ڦر کي (حرام ڪيو آهي) جنهن کي ٻنهي قسمن جي ماديءَ پنهنجي پيٽ ۾ سانديو آهي. جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته مون کي علم سان جواب ڏيو (يعني ان لاءِ ڪو اصل يا سند پيش ڪيو.)

وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۧ﴿۱۴۴﴾

(١٤٤) ۽ (ڏسو ته ساڳيءَ طرح) اٺ جا ٻه ٻه قسم آهن ۽ ڳائي مال جا ٻه ٻه قسم آهن، (يعني نر ۽ مادي) تون هنن کان پڇ ته ڇا انهن مان نر کي (خدا) حرام ڪري ڇڏيو آهي يا ماديءَ کي يا ان ڦر کي جو انهن ٻنهي جي مادين جي پيٽ ۾ آهي؟ پوءِ توهان (جو علم کان سواءِ خدا جي حلال ڪيل شين کي حرام ٺهرائي رهيا آهيو سو) ڇا توهان انهيءَ وقت خدا وٽ حاضر هيؤ، جڏهن هن اوهان کي هن باري ۾ حڪم ڏنو هو؟ پوءِ ٻڌايو ته انهيءَ ماڻهو کان وڌيڪ ظلم ڪندڙ ڪير آهي جو ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ خدا تي الزام تراشي ڪري (ڪوڙ ٺاهي ٻڌائي) ۽ وٽس (ان باري ۾) ڪو علم به نه هجي، بيشڪ خدا انهن ماڻهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راه نٿو کولي جيڪي ظلم ڪندڙ آهن (۽ خدا تي ڪوڙ ٺاهيندڙ آهن.)

## رڪوع 18

**سڀ شيون حلال آهن سواءِ انهن جي جيڪي قرآن مجيد ۾ حرام ٻڌايل آهن.**

قُلْ لَّآ اَجِدُ فِىْ مَآ اُوْحِىَ اِلَىَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗٓ اِلَّآ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴۵﴾

(١٤٥) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته جيڪو وحي مون ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن ۾ مان ڪائي شيءِ حرام نٿو ڏسان جنهن جو ڪائڻ ڪائيندڙن لاءِ حرام هجي، سواءِ ان جي جو مردار (ڍوند) هجي يا وهندڙ رت هجي يا سوئر جو گوشت هجي، ڇو ته بيشڪ اهي شيون غليظ ۽ گنديون آهن. اها شيءِ به حرام آهي جا گناه ۽ نافرمانيءَ جو سبب ٻڻجي ٿي جو مٿس خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو نالو ورتو وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (حلال

شيءِ نہ ملڻ سبب) مجبور هجي، نافرمانيءَ جي نيت نہ هجيس ۽ ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃي (۽ هو جان بچائڻ لاءِ انهن حرام شين مان ڪجهہ کائي) تہ پوءِ بيشڪ تنهنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي.

وَعَلَى الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِي ظُفُرٍ ۖ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُومَهُمَا إِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُورُهُمَا أَوِ الْحَوَايَا أَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ۚ ذَٰلِكَ جَزَيْنَاهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَإِنَّا لَصَادِقُونَ (١٤٦)

(١٤٦) ۽ يهودين لاءِ اسان نَنهن (سُنبن) وارا جانور حرام ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڳئون ۽ ٻڪريءَ جي چرٻي بہ حرام ڪئي هئي، پر اها چرٻي نہ، جا انهن جي پٺيءَ تي لڳل هجي يا آنڊن ۾ يا هڏين سان مليل هجي. اها اسان هنن جي سرڪشيءَ جي سزا ڏني هئي. (اهي شيون درخود حرام نہ هيون) ۽ بيشڪ اسان (بيان ڪرڻ ۾) سچا آهيون.

فَإِنْ كَذَّبُوكَ فَقُلْ رَبُّكُمْ ذُو رَحْمَةٍ وَاسِعَةٍ ۖ وَلَا يُرَدُّ بَأْسُهُ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِينَ (١٤٧)

(١٤٧) پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن اهي ماڻهو توکي ڪوڙو سمجهي تنهنجي ڳالهہ نہ مڃين، تہ تون کين چئي ڏي تہ اوهان جو پروردگار وڏي وسيع (ڪشادي) رحمت رکندڙ آهي (تنهن ڪري ئي مهلتون ڏئي ٿو) پر گناه ڪندڙن کان سندس عذاب هر گز ٽري ڪونہ ويندو.

سَيَقُولُ الَّذِينَ أَشْرَكُوا لَوْ شَاءَ اللَّهُ مَا أَشْرَكْنَا وَلَا آبَاؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ۚ كَذَٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتَّىٰ ذَاقُوا بَأْسَنَا ۗ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوهُ لَنَا ۖ إِنْ تَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ أَنْتُمْ إِلَّا تَخْرُصُونَ (١٤٨)

(١٤٨) جن ماڻهن شرڪ جي واٽ ورتي آهي سي چوندا تہ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ اسان جا ابا ڏاڏا شرڪ نہ ڪن ها، نڪي ڪنهن شيءِ کي (پنهنجي راءِ سان) حرام ٺهرائين ها. سو (ڏسو تہ) اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن بہ (سچائيءَ کي) ٺڪرايو هو جي ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن، تان جو (آخر) کين اسان جي عذاب جو مزو چکڻو پيو. (اي پيغمبر!) تون چئُہ تہ، ڇا توهان وٽ (هن باري ۾) ڪا علم جي روشنائي آهي جا اسان جي اڳيان پيش ڪري سگهو؟ (جيڪڏهن آهي تہ پيش ڪيو) حقيقت هيءَ آهي تہ، توهان فقط وهمن ۽ اٽڪلن جي پيروي ڪري رهيا آهيو ۽ توهان (پنهنجي ڳالهين ۾) سواءِ هن جي ڪجهہ ناهيو تہ بنا سمجهڻ جي ڪوڙيون ڳالهيون ٺاهڻ وارا آهيو.

قُلْ فَلِلَّهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۖ فَلَوْ شَاءَ لَهَدَاكُمْ أَجْمَعِينَ (١٤٩)

(١٤٩) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ پڪو دليل جو (ماڻهن جي دلين کي) پهچندڙ هجي سو فقط الله جو آهي. جيڪڏهن هو چاهي ها تہ سيني کي (سچيءَ) راهہ تي لڳائي ڇڏي ها (ڇو تہ سندس قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي، پر هن ائين نہ چاهيو ۽ اهوئي سندس حڪمت جو فيصلو آهي.)

قُلْ هَلُمَّ شُهَدَاءَكُمُ الَّذِينَ يَشْهَدُونَ أَنَّ اللَّهَ حَرَّمَ هَٰذَا ۖ فَإِنْ شَهِدُوا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَاءَ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَالَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ وَهُمْ

(١٥٠) (اي پيغمبر!) کين چئُہ تہ، (جيڪڏهن توهان پنهنجي گهڙيل قاعدن سان انهن جانورن کي حرام ٺهرايو ٿا تہ) پنهنجي شاهدن کي (يعني حڪم ڏيڻ وارن کي) وٺي اچو تہ انهيءَ ڳالهہ جي شاهدي ڏين تہ خدا (سچ پچ) اها شيءِ حرام ڪري ڇڏي آهي. پوءِ جيڪڏهن سندن (ڪوڙا شاهد) اهڙي شاهدي بہ ڏين تہ بہ تون انهن سان شامل ٿي اهڙي شاهدي نہ ڏجانءِ (ڇو تہ اها

بِرَبِّهِمۡ يَعۡدِلُوۡنَ ۝١٥٠

حقيقت جي بلڪل خلاف آهي) تون انهن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو آهي ۽ جي آخرت تي يقين نٿا رکن ۽ ٻين هستين کي پنهنجي پروردگار جي برابر ٺهرائين ٿا.

**رڪوع 19**

**سچائي ۽ حقيقت جي سڌي واٽ هڪ آهي، گهڻين واٽن تي جدا جدا هلي گمراه نہ ٿيو**

قُلۡ تَعَالَوۡا اَتۡلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمۡ عَلَيۡكُمۡ اَلَّا تُشۡرِكُوۡا بِهٖ شَيۡـًٔا وَّبِالۡوَالِدَيۡنِ اِحۡسَانًا ۚ وَلَا تَقۡتُلُوۡۤا اَوۡلَادَكُمۡ مِّنۡ اِمۡلَاقٍ ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُكُمۡ وَاِيَّاهُمۡ ۚ وَلَا تَقۡرَبُوا الۡفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا تَقۡتُلُوا النَّفۡسَ الَّتِىۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكُمۡ وَصّٰىكُمۡ بِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ۝١٥١

(١٥١) (اي پيغمبر!) انهن کي چؤ تہ، اچو تہ مان اوهان کي (الله جو ڪلام) پڙهي ٻڌايان، تہ توهان جي پروردگار توهان جي لاءِ ڇا ڇا حرام ڪري ڇڏيو آهي. خدا سان ڪنهن بہ شيء کي شريڪ نہ ٺهرايو. پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱي هلت وٺو ۽ چڱايون ڪيو. پنهنجي اولاد کي سچائي جي خوف ڪان قتل نہ ڪيو، اسان ئي توهان کي روزي ڏيون ٿا ۽ انهن (يعني اوهان جي اولاد) کي بہ روزي اسان ڏينداسين ۽ بي شرمي جي ڳالهين ۽ ڪمن کي رڳو ويجهي بہ نہ وڃو. اهي (بي شرميءَ جا ڪم ۽ ڳالهيون) ڪليل هجن توڙي لڪل هجن (ڪنهن بہ حالت ۾ انهن جي ويجهو نہ وڃو) ۽ ڪنهن بہ جان (انسان) کي قتل نہ ڪيو، جنهنجي (قتل) کي خدا تعالىٰ حرام ٺهرايو هجي، سواءِ هن جي جو ڪنهن حق جي بنا تي هن کي قتل ڪرڻو پوي (مثلاً قصاص ۾ يا جج جي فيصلي موجب) اهي آهن اهي ڳالهيون جن جي خدا توهان کي وصيت ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان عقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺو.

وَلَا تَقۡرَبُوۡا مَالَ الۡيَتِيۡمِ اِلَّا بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ حَتّٰى يَبۡلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوۡفُوا الۡكَيۡلَ وَالۡمِيۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَا ۚ وَاِذَا قُلۡتُمۡ فَاعۡدِلُوۡا وَلَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى ۚ وَبِعَهۡدِ اللّٰهِ اَوۡفُوۡا ؕ ذٰلِكُمۡ وَصّٰىكُمۡ بِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَذَكَّرُوۡنَ ۝١٥٢

(١٥٢) ۽ (اهڙيءَ طرح) يتيمن جي مال ملڪيت کي بہ ويجهو نہ وڃو. (يعني ان تي قبضو ڪرڻ يا ان مان ڪجهہ هضم ڪرڻ جو ارادو بہ نہ ڪيو) سواءِ هن جي جو چڱي طريقي (۽ نيت) سان (ان جو انتظام رکو) (يعني يتيمن جي فائدي ۽ سنڀال لاءِ سندن مال ملڪيت جي نگهباني ڪرڻ چاهيو) سو بہ تيستائين جيستائين اهي يتيم پنهنجي (سمجهہ ۽ طاقت جي) عمر کي پهچي وڃن، ۽ (هي ڳالهہ بہ ياد رکو تہ) انصاف ۽ ايمانداريءَ سان تور ۽ ماپ پوري ڪريو. اسان ڪنهن بہ جان (انسان) تي سندس طاقت کان ٻاهر بار نٿا رکون (پنهنجي طاقت آهر انصاف ۽ ايمانداريءَ جي ڪوشش ڪريو) ۽ جڏهن ڪابہ ڳالهہ چؤ تہ حق ۽ انصاف جي چئو، اگرچہ معاملو پنهنجي مائٽن سان تعلق رکندڙ هجي )۽ فيصلو سندس خلاف وڃي) ۽ الله سان جيڪو عهد اقرار ڪيو اٿو سو پورو ڪيو ۽ چڱيءَ طرح پاڙيو. اهي ڳالهيون آهن جن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ تہ من نصيحت وٺو (۽ صالح عمل ڪيو).

وَ اَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا
تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ؕ
ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٣﴾

(١٥٣) ۽ (الله تعاليٰ ٻڌايو ته خدا پرستي ۽ نيک عمليءَ جي) اهائي واٽ منهنجي (ٺهرايل) سڌي واٽ آهي، سو انهيءَ ئي (واٽ) تي هلو. (ٻين) واٽن تي نه هلو، متان اهي واٽون اوهان کي خدا جي سڌيءَ واٽ کان جدا ڪري ڇڙوڇڙ ۽ گمراه ڪري ڇڏين. اها ڳالهه آهي جهن جو خدا اوهان کي حڪم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان پرهيزگار ٿي پئو.

ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ
اَحْسَنَ وَ تَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّ
رَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾

(١٥٤) وري (ڏسو ته) اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو، انهيءَ لاءِ ته جيڪو نيک عمل ڪندڙ ٿئي تنهن تي پنهنجي نعمت پوري ڪيون، ۽ هرهڪ ڳالهه کي کولي کولي بيان ڪيون ۽ ماڻهن جي لاءِ (اهو ڪتاب) هدايت ۽ رحمت ٿئي ته من پنهنجي پروردگار جي ملاقات (يعني قيامت جي ڏينهن خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ) تي ايمان آڻين.

رڪوع 20

**سڀ انسان هڪ آهن ۽ اصل دين سڀني لاءِ هڪ آهي، جن دين ۾ فرقو وڌو ۽ جدا جدا ٽوليون ٿا هيون تن سان تنهنجو ڪوبه صاسطو ڪونهي.**

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا
لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾

(١٥٥) ۽ (اهڙيءَ طرح) هي ڪتاب (قرآن مجيد) آهي، جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي جو برڪت وارو آهي (يعني جيڪي ان جي پيروي ڪندا تن لاءِ برڪت وارو آهي (يعني جيڪي ان جي پيروي ڪندا تن لاءِ برڪت وارو آهي (يعني جيڪي ان جي پيروي ڪندا تن لاءِ برڪت واري راهه کولي ڇڏيندڙ آهي). پوءِ توهان کي گهرجي ته ان (قرآن مجيد) جي پيروي ڪيو ۽ پرهيزگاريءَ جو ڍنگ اختيار ڪيو ته توهان تي رحم ڪيو وڃي.

اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ
مِنْ قَبْلِنَا ۪ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ
لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾

(١٥٦) (اي اهل عرب! اسان هي قرآن مجيد هن لاءِ نازل ڪيو ته) توهان ائين نه چئي سگهو ته خدا فقط ٻن جماعتن (يهودين ۽ عيسائين) تي ڪتاب نازل ڪيو جي اسان کان اڳي ٿي گذريا ۽ اسان کي هنن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي خبر ڪانه هئي.

اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ
اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ
رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ
كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ؕ
سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ
الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾

(١٥٧) يا چئو ته، جيڪڏهن اسان تي ڪتاب نازل ٿئي ها ته اسان انهن جماعتن کان (جن تي ڪتاب نازل ٿيو) زياده هدايت وارا ٿيون ها، سو (ڏسو) تحقيق توهان ڏي به توهان جي پروردگار وٽان هڪ چٽو دليل ۽ رحمت اچي وئي آهي، پوءِ (ٻڌايو ته) انهيءَ کان وڌيڪ ظالم انسان ڪري آهي جو خدا جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرائي ۽ انهن کان منهن موڙي. (ياد رکو ته) جي ماڻهو اسان جي نشانين کان منهن موڙين ٿا تن کي اسان ان جي بدلي ۾ جلد سخت عذاب ڏينداسين.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ

(١٥٨) پوءِ اهي ماڻهو (جيڪي سچائي جي نشانين ڏسڻ بعد به سرڪشيءَ کان باز نٿا اچن) ڪهڙيءَ ڳالهه جي انتظار ۾ ترسيا ويٺا آهن؟ هن ڳالهه جي

يَأْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَأْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۗ يَوْمَ
يَأْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا
اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ
كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ۗ قُلِ انْتَظِرُوْٓا
اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾

انتظار ۾ تہ (آسمان مان) فرشتا هنن وٽ هلي اچن يا خود تنهنجو پروردگار انهن جي سامهون اچي بيهي يا وري تنهنجي پروردگار جون ڪي نشانيون (معجزا) ظهور ۾ اچن (يا قيامت جا آثار ظاهر ٿين؟) پوءِ (جيڪڏهن اهي ماڻهن انهيءَ ڳالهہ جي واٽ تڪي رهيا آهن تہ ڪين معلوم ڪرڻ گهرجي تہ) جنهن ڏينهن تنهنجي پروردگار جون ڪي نشانيون ظهور ۾ ايندیون تنهن ڏينهن ڪنهن بہ انسان ڪي جنهن اڳ ئي ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان (جي حالت) ۾ نيڪي نہ ڪمائي هوندي تنهن جو (پوءِ) ايمان آڻڻ ڪيس فائديمند ڪونہ ٿيندو. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ (جيڪڏهن توهان ڪي انتظار ئي ڪرڻو آهي تہ پلي) انتظار ڪندا رهو. اسان بہ (حق ۽ باطل جي فيصلي جو) انتظار ٿا ڪيون.

اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا
لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ۗ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى
اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿۱۵۹﴾

(١٥٩) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن پنهنجي دين ۾ تفرقو وڌو (يعني اختلاف ڪري جدا جدا فرقا ۽ مذهب بنايا) ۽ جدا جدا ٽوليون ٿاهيائين تن سان تنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي، (تنهنجي راهہ حقيقي دين جي راهہ آهي جا سيني کي ڳنڍڻ ۽ هڪ ڪرڻ واري آهي تنهنجي واٽ اها ناهي جا ماڻهن جي ٽاهيل ٽولين بنائڻ واري آهي) انهن جو معاملو اللہ جي حوالي آهي، پوءِ اهوئي ٻڌائيندو تہ جيڪي هو ڪندا رهيا آهن، تنهن جي حقيقت ڇا هئي؟

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَ
مَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَ
هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۰﴾

(١٦٠) (ياد رکو تہ) جيڪو بہ (اللہ جي حضور ۾) نيڪي (صالح عمل) آڻيندو تنهن کي سندس نيڪ عملن کان ڏهوڻو ثواب ملندو ۽ جيڪو برائي آڻيندو سو ان برائيءَ جي بدلي ۾ اوتري ئي سزا کائيندو جيتري برائي ڪئي هوندائين (يعني نيڪيءَ جي اجر ۾ واڌارو ڪيو ويجي ٿو پر برائي جي سزا ۾ واڌارو ڪونهي) ۽ ائين ڪونہ ٿيندو جو (عملن جي بدلي ۾) ماڻهن سان ڪجهہ بہ بي انصافي ڪئي وڃي.

قُلْ اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ
مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ
حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۶۱﴾

(١٦١) (اي پيغمبر!) چئي ڏي تہ، منهنجي پروردگار مون کي سڌو رستو ڏيکاريو آهي. اهوئي درست ۽ صحيح دين آهي. (اهو آهي) حضرت ابراهيم جو طريقو تہ فقط خدا جي لاءِ ٿي وجو (ٻيو ڪوبہ مقصد يا مطلب نہ رکو) ۽ حضرت ابراهيم مشرڪين مان هرگز نہ هو.

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ
لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۲﴾

(١٦٢) چؤ تہ، منهنجي نماز، منهنجو حج (قرباني) منهنجو جيئڻ ۽ منهنجي مرڻ سڀ ڪجهہ فقط اللہ جي لاءِ آهي، جو سڀني جهان جو پروردگار آهي.

لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ
الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۱۶۳﴾

(١٦٣) هن جو ڪوئي شريڪ ڪونهي، مون کي انهيءَ ئي ڳالهہ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان مسلمانن ۾ (يعني خدا جي فرمانبردارن ۾) پهريون فرمانبردار آهيان.

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ؕ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾

(١٦٤) تون (هنن ماڻهن کان) پڇ تہ ڇا (توهان هي چاهيو ٿا تہ) مان خدا کان سواءِ ڪو ٻيو پروردگار ڳوليان؟ حالانڪ فقط اهوئي هر شيءِ جي پرورش ڪندڙ آهي؟ ۽ (ڏسو) هرهڪ ماڻهو پنهنجي عملن سان جيڪي ڪمائي ٿو سو انهيءَ جي ذمي ٿئي ٿو، (چڱا عمل مندو تہ پاڻ ڪي ئي فائدو پوندس ۽ بدعمل ڪندو تہ پاڻ ڪي ئي نقصان رسندس) ڪوبہ بار کڻندڙ ٻئي جو بار نٿو کڻي، پوءِ (آخر) اوهان سڀني کي پنهنجي پروردگار ڏي موٽڻو آهي ۽ (جڏهن وٽس حاضر ٿيندو تڏهن هو) ٻڌائيندو تہ جن ڳالهين ۾ اوهان اختلاف ڪندا هئو تن جي حقيقت ڇا هئي.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ۖ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾

(١٦٥) ۽ اهوئي (خدا) آهي جنهن اوهان کي (هڪ ٻئي جو) زمين ۾ جانشين بنايو ۽ توهان مان ڪن کي ڪن مٿان (عملن جي لحاظ کان) مرتبا ڏنا، انهيءَ لاءِ تہ جيڪو (اختيار) اوهان کي ڏنو ويو آهي تنهن ۾ توهان کي آزمائي (۽ طلب ۽ ڪوشش جو موقعو ڏئي. اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار جلد (بدعملين جي) سزا ڏيڻ وارو آهي، ۽ بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

**سورة الاعراف مکي (اعراف =مٿاهيون جايون)**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شرع ٿا ڪيون الله جي نالي سان جو وڏو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

**رڪوع 1**

**وحي جو مقصد آهي بيدار ڪرڻ ۽ نصيحت ڏيڻ ۽ بدعملين جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ**

الٓمّٓصٓ ﴿١﴾

(١) الٓمّٓصٓ

كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢﴾

(٢) (اي پيغمبر! هي) ڪتاب آهي جو توتي نازل ڪيو ويو آهي. پوءِ ان (ڪتاب) جي ڪري تنهنجي سيني ۾ ڪجهہ بہ تنگي ۽ تڪليف نہ هئڻ گهرجي (۽ نہ ٿيندي) انهيءَ لاءِ تہ تون هن (ڪتاب) جي وسيلي (انڪار ۽ بدعملي جي نتيجن کان) خبردار ڪرين. (۽ هي ڪتاب) ايمان وارن لاءِ بيداري ۽ نصيحت ٿئي.

اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾

(٣) (اي انسانو) توهان جي پروردگار وٽان جيڪي اوهان ڏي موڪليو ويو آهي (يعني جيڪو منهنجو وحي اوهان کي منهنجو رسول ٻڌائي ٿو) تنهن جي پيروي ڪيو (ان تي عمل ڪيو) ۽ خدا کي ڇڏي اوليائن (جن کي توهان خدا سان شريڪ ٿا ڪيو ۽ سمجهو ٿا تہ خدا وٽ هنن جي رسائي آهي ۽ اسان جي مدد ڪندا اهڙن خيالن) جي تابعداري نہ ڪريو. (افسوس جو) توهان (اهڙي سولي ڳالهہ نٿا سمجهو ۽) تمام ٿورا آهيو جو نصيحت حاصل ڪيو ٿا.

وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا اَوْ هُمْ قَآئِلُوْنَ ۝٤

(٤) ۽ (اي انسانو! عبرت وٺو، ڏسو ته) ڪيترا نه شهر اسان تباه ڪري ڇڏيا (هن ڪري جو انهن جي ماڻهن تڪبر ۽ ظلم ڪيو ۽ خدا جي حڪمن جي نافرماني ڪئي) اسان جو عذاب هنن تي رات جي وقت (اوچتو) اچي ڪڙڪيو يا ڏينهن جي وقت جڏهن (منجهند واري مٺي) ننڊ ۾ هئا.

فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٥

(٥) جنهن وقت هنن جي مٿان اسان جو عذاب اچي ڪڙڪيو تنهن وقت هنن جي وات ۾ فقط اهائي واٺي هئي ته بيشڪ اسان سچ پچ ظالم هئاسين.

فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٦

(٦) پوءِ (قيامت جي ڏينهن) اسان انهن ماڻهن کان ضرور پڇاڻو ڪنداسين جن ڏي اسان رسول موڪليا هئا ۽ رسولن کان به پڇا ڪنداسين (ته توهان پنهنجي ماڻهن کي اسان جا ڪهڙا حڪم پهچايا ۽ انهن ڪيتري قدر اسان جي حڪمن جي تعميل ڪئي).

فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ۝٧

(٧) پر) پوءِ جيئن ته اسان کي (اڳيئي) سڀ ڪجھ معلوم آهي سو اسان سڀ حالتون کين ٻڌائينداسين، ڇو ته اسان ڪٿي به (۽ ڪنهن به وقت هنن کان پري) غائب يا غيرحاضر ڪونه هئاسين (۽ اسان نه رڳو سندن عمل پئي ڏٺا پر سندن دل جا خيال به معلوم پئي ڪيا.)

وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٨

(٨) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن (عملن جي) تور بلڪل ٺيڪ ٺيڪ ڪئي ويندي پوءِ جن ماڻهن جي (نيڪ عملن جو) پڙ ڳورو ٿيندو سي ئي ڪامياب ٿيندا (۽ بهشت جون نعمتون ماڻيندا).

وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ۝٩

(٩) ۽ جن ماڻهن جي (نيڪ عملن جو) پڙ هلڪو ٿيندو تن جون جانيون هلاڪت ۾ پونديون، ڇو ته هنن اسان جي آيتن ۽ حڪمن بنسبت بي انصافي ٿي هئي (۽ انهن تي عمل ڪرڻ بدران مخالفت ڪئي هئائون).

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِى الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝١٠

(١٠) ۽ (اي انسانو) اسان توهان کي زمين تي (پنهنجي پنهنجي حد اندر) حڪمراني ڏني آهي (يا سلامتيءَ سان رهايو آهي) ۽ ان زمين ۾ توهان جي زندگيءَ ۽ گذران جو سامان ۽ وسيلا ناهيا آهن (پر افسوس) توهان ماڻهو گهڻي قدر بي شڪري ٿا ڪيو (جو خدا جي نعمتن خصوصاً وحي جي نعمت جو پورو فائدو نٿا وٺو.)

## رڪوع 2

**بني آدم لاءِ به واڻون ٿيون هڪ آدم واري، جو ڀل ٿئي ته توبھ ڪري ۽ ٻي ابليس واري يعني قصور ڪرڻ بعد به سرڪشي ڪري.**

وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۖ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ

(١١) ۽ (اي انسانو! ڏسو ته) اسان ئي توهان کي پيدا ڪيو ۽ (نه رڳو پيدا ڪيو پر پيدا ڪرڻ بعد ظاهري توڙي معنوي طور سهڻي) صورت ڏني (۽

اِبۡلِيۡسَ ؕ لَمۡ يَكُنۡ مِّنَ السّٰجِدِيۡنَ ﴿۱۱﴾

علم سيکاريو ۽ فرشتن کان بہ مٿاهون درجو ڏنو) پوءِ اسان فرشتن کي حڪم ڪيو تہ آدم جي اڳيان جهڪو. پوءِ سيئي فرشتا (آدم جي اڳيان تعظيم لاءِ) جهڪيا ۽ نوڙيا، پر ابليس نہ جهڪيو ۽ جهڪڻ وارن سان شامل نہ ٿيو.

قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسۡجُدَ اِذۡ اَمَرۡتُكَ ؕ قَالَ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡهُ ۚ خَلَقۡتَنِىۡ مِنۡ نَّارٍ وَّخَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ ﴿۱۲﴾

(١٢) (تنهن تي الله تعاليٰ ابليس کان) پڇيو تہ، جڏهن مان توکي سجدي ڪرڻ جو حڪم بہ ڏنو تڏهن ڪهڙي ڳالهہ توکي روڪيو جو سجدو نہ ڪيئي؟ ابليس ورندي ڏني تہ مان هن (يعني آدم) کان بهتر آهيان ڇو تہ مون کي باهہ مان پيدا ڪئي ۽ هن کي مٽيءَ مان پيدا ڪئي.

قَالَ فَاهۡبِطۡ مِنۡهَا فَمَا يَكُوۡنُ لَكَ اَنۡ تَتَكَبَّرَ فِيۡهَا فَاخۡرُجۡ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيۡنَ ﴿۱۳﴾

(١٣) الله تعاليٰ (تنهن تي) حڪم ڪيو تہ (اي ابليس!) جنت مان نڪري وڃ مناسب ناهي تہ تون هن حالت ۾ رهي تڪبر ڪرين. نڪري وڃ ٻاهر. يقيناً تون ذليلن خسيسن مان آهين. (جيڪي هميشہ خوار خراب رهن ٿا).

قَالَ اَنۡظِرۡنِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) ابليس چوڻ لڳو تہ (اي خدا) مون کي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي، جنهن ڏينهن (جزا ۽ سزا لاءِ) ماڻهن کي وري اٿاريو ويندو.

قَالَ اِنَّكَ مِنَ الۡمُنۡظَرِيۡنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) الله تعاليٰ فرمايو تہ توکي مهلت آهي.

قَالَ فَبِمَاۤ اَغۡوَيۡتَنِىۡ لَاَقۡعُدَنَّ لَهُمۡ صِرَاطَكَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ ﴿۱۶﴾

(١٦) (حاسد ابليس مهلت وٺي) چيو تہ (اي خدا) جيئن تہ تو مون کي بي راهہ ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري مان بہ ماڻهن کي تنهنجي سڌي (راهہ کان ڀلائي گمراهہ ڪري ڪڏ ۾ ڪيرائڻ لاءِ) واٽ تي (لڪي ڇپي) ويهي رهندس.

ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمۡ مِّنۡۢ بَيۡنِ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمِنۡ خَلۡفِهِمۡ وَعَنۡ اَيۡمَانِهِمۡ وَعَنۡ شَمَآئِلِهِمۡ ؕ وَلَا تَجِدُ اَكۡثَرَهُمۡ شٰكِرِيۡنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ پوءِ يقيناً انهن ماڻهن جي اڳئين پاسي کان پٺئين پاسي کان انهن جي ساڄي پاسي کان ۽ پڻ کاٻي پاسي کان (يعني هر طرف کان ۽ هر حيلي ۽ ٽڳيءَ سان) وٺن ايندس (۽ گمراهہ ڪندس، تان جو) تون ڏسندين تہ هنن مان گهڻا تنهنجي (نعمتن جي) شڪرگذاري نہ ڪندا (۽ تنهنجي نافرماني ڪري ظلم ڪندا.

قَالَ اخۡرُجۡ مِنۡهَا مَذۡءُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ؕ لَمَنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنۡكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۱۸﴾

(١٨) الله تعاليٰ (تنهن تي) فرمايو تہ، (اي ابليس) هتان خوار خراب ۽ تڙيل ٿي نڪري وڃ. بيشڪ (ائيب ٿيندو جو) جيڪو بہ ماڻهن منجهان تنهنجي پيروي ڪندو تنهن سان ۽ اوهان سيني سان (يعني تون، تنهنجا سنگتي شيطان ۽ تنهنجي پيروي ڪندڙ انسانن سان) دوزخ کي ڀري ڇڏيندس.

وَيٰۤاٰدَمُ اسۡكُنۡ اَنۡتَ وَزَوۡجُكَ الۡجَـنَّةَ فَكُلَا مِنۡ حَيۡثُ شِئۡتُمَا وَلَا تَقۡرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوۡنَا مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ (الله تعاليٰ فرمايو تہ) اي آدم! تون ۽ تنهنجي اهليہ (بي بي حوا) جنت ۾ رهو ۽ جيڪي بہ وڻيؤ سو مزي سان کائو. پر هن وڻ کي ويجهو بہ نہ وڃجو. جيڪڏهن ويجهو ويندؤ تہ (خدا جي نافرماني سببان) ظالمن ۽ گنهگارن ۾ شمار ڪيا ويندؤ.

فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) پوءِ شيطان هنن (آدم ۽ حوا) جي دلين ۾ وسوسو وڌو انهيءَ لاءِ ته انهن (جي فطرت) ۾ جيڪو ستر يا شرمگاه ڪائنڻ لڪل هو سو ڪين ڪولي ڏيکاري. سو ڪين شيطان چيو ته، اوهان جي رب اوهان کي هن وڻ کان ٻئي ڪنهن به سبب نه روڪيو آهي، سواءِ هن (سبب جي ته) توهان ٻئي (ان وڻ جي ويجهو وڃڻ سان) فرشتا نه بنجي پئو يا جنت ۾ هميشه رهڻ وارن منجهان نه ٿي پئو.

وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ شيطان هنن کي قسم کڻي چيو ته مان سچ پچ اوهان ٻنهي جو خير خواهه آهيان ۽ چڱيءَ ۽ سچي نصيحت ڏيندڙ آهيان.

فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ۭ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٢﴾

(٢٢) پوءِ اهڙيءَ طرح شيطان ٻنهي کي فريب ڏئي ڦاسايو. پوءِ هنن اجا وڻ کي چکيو مس ته هنن جي (فطرت ۾ رکيل) شرمگاهه يعني اوگھڙ جا عضوا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا (سو ڇا ڪيائون جو شرم کان) باغ جي پنن سان پنهنجي جسم کي ڍڪڻ لڳا ۽ سندس پروردگار کين پڪاري چيو ته، مان توهان ٻنهي کي انهيءَ وڻ (کي ويجهو وڃڻ) کان منع ڪين ڪري ڇڏي هئي؟ ۽ توهان کي ٻڌائي ڪين ڇڏيو هوم ته شيطان اوهان جي کليو کلايو دشمن آهي؟

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ٚ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) (تڏهن هڪدم) ٻنهي چئي ڏنو ته، اي اسان جا پروردگار! اسان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي نقصان پهچايو) ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نه بخشيندين ۽ اسان تي رحم نه ڪندين ته اسان ضرور تباهه ٿي وينداسين.

قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٢٤﴾

(٢٤) الله تعاليٰ (کين) فرمايو ته هيٺ لهي وڃو (يعني جنت مان نڪري زمين تي رهو ۽ مَلَڪي زندگيءَ مان نڪري حيواني حالت ۾ اچو) توهان (سڀني انسانن) ۾ هڪٻئي لاءِ دشمنيءَ جو مادو هوندو ۽ (آئنده) اوهان جي لاءِ زمين تي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ ڪنهن (مقرر) وقت تائين اتي رهي (دنيائي) فائدا ۽ نعمتون ماڻيندؤ.

قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (الله تعاليٰ کين هيئن پڻ) فرمايو ته انهيءَ ئي زمين تي رهي زندگي گذاريندؤ ۽ انهيءَ زمين تي مرندؤ ۽ پوءِ (آخر) انهيءَ ئي زمين مان (ٻيهر جيئاري قيامت جي ڏينهن) اوهان کي (قبرن مان) اٿاري ٻاهر ڪڍيو ويندو.

**رڪوع 3**

**تقويٰ روح جي لاءِ حفاظت ۽ زينت آهي**

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ

(٢٦) اي آدم جا اولاد! تحقيق اسان توهان جي لاءِ لباس نازل ڪيو (يعني ڪپڙا مهيا ڪيا) انهيءَ لاءِ ته توهان جي شرمگاهن کي ڍڪي ۽ پڻ زينت جو سامان مهيا ڪياسين. (پر ياد رکو ته) تقويٰ (يعني الله جي نافرمانيءَ

خَيْرٌ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ۝٢٦

ڪان بچڻ) جو لباس ئي بهترين لباس آهي. (۽ پڻ ياد رکو تہ) هي الله تعاليٰ جي نشانين منجهان آهن (جي انهيءَ لاءِ نازل ڪيون ويون آهن) تہ من ماڻهو نصيحت وٺن.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٢٧

(٢٧) اي آدم جا اولاد! (خبردار) متان شيطان اوهان کي ڀلائي وجهي. جهڙيءَ طرح هن اوهان جي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ (آدم ۽ حوا) کي ڀلائي جنت مان ٻاهر ڪيائي ڇڏيو ۽ هنن جو (الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ جو) لباس لهارائي ڇڏيائين، انهيءَ لاءِ تہ هنن کي سندن شرمگاهہ کولي ڏيکاري. (ياد رکو تہ) اهو شيطان ۽ سندس لشڪر (هر وقت) اهڙيءَ طرح توهان کي نظر ۾ رکيو ويٺو آهي، جي توهان انهن کي ڏسي نٿا سگهو. (هو توهان کي ڀلائڻ لاءِ اهڙا موقعا ۽ وجھ تاڙي ٿا وٺن جو توهان کي پتوئي نٿو پوي. تنهن ڪري هر وقت خبردار رهو ۽ فقط خدا ۾ ايمان رکي سندس ئي حڪمن تي عمل ڪيو) يقين ڄاڻو تہ جيڪي ماڻهو (خدا تي) ايمان نٿا رکن (اهي ئي ڀلجن ٿا ۽) انهن ئي لاءِ اسان شيطان کي سندن دوست بنايون ٿا.

وَاِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَآ اٰبَاۗءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَاۗءِ ۭ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَي اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٢٨

(٢٨) ۽ جڏهن هي (ڪافر) ڪو بي شرميءَ جو ڪم ڪن ٿا تڏهن چون ٿا تہ اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي انهيءَ طريقي تي هلندو ڏٺو ۽ خدا بہ اسان کي اهوئي حڪم ڏنو آهي. (الله تعاليٰ (ڪڏهن بہ) بي شرميءَ جي ڪمن ڪرڻ جو حڪم نٿو ڏئي. ڇا (خود) خدا تي اهڙيون (ڪوڙيون) ڳالهيون ٿا مڙهيو جن بنسبت توهان کي ڪجهہ بہ علم ڪونهي؟

قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۣ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ڛ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ۝٢٩ۭ

(٢٩) (اي پيغمبر تون انهن ماڻهن کي) چئو تہ منهجي پروردگار (هر حالت ۾) اعتدال جي راهہ اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي (پڻ حڪم ڪيو آهي تہ) نماز جي هر وقت تي ۽ هر هنڌ پنهنجا منهن بلڪل سڌا رکو (يعني پوريءَ طرح الله جي اڳيان نياز جو سر جهڪايو) ۽ الله کي سچي دل سان ۽ ڪامل فرمانبرداريءَ جي نيت سان پڪاريو (ياد رکو تہ) جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ اوهان کي پهريائين پيدا ڪيو تهڙيءَ طرح اوهان (موت کان پوءِ ڏانهنس) موٽندؤ.

فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ۭ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ۝٣٠

(٣٠) الله تعاليٰ هڪڙيءَ ٽوليءَ کي (سندن اخلاص سبب ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهہ ورتائي آهي ۽ ٻي ٽوليءَ تي گمراهي (حق ۽ انصاف سان) واجب ٿي آهي، ڇو تہ هنن الله کي ڇڏي شيطانن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنايو آهي ۽ (ڀلجي) سمجهن ٿا تہ اسان سچي هدايت جي واٽ ورتي آهي.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ۝٣١

(٣١) اي آدم جا اولاد! نماز جي هر وقت ۽ هر هنڌ سنائي ۽ سينگار رکو ۽ (بيشڪ) کائو پيئو، (يعني الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ماڻيو) پر حدن کان ٻاهر نہ وڃو. (حدن کان ٻاهر وڃڻ ۾ اوهان جو ئي نقصان آهي) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن.

رڪوع 4

**اسلام خدا جي ڏنل نعمتن کي ڪم آڻڻ جو حڪم ٿو ڏئي.**

قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ۭ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝٣٢

(٣٢) اي پيغمبر تون) ماڻهن کان پڇ تہ الله تعاليٰ زينت جو جيڪو ساز سامان پنهنجي ٻندن لاءِ پيدا ڪيو آهي، تنهن کي ۽ کائڻ پيئڻ جي صاف ۽ سٺين شين کي ڪنهن حرام ٺهرايو آهي؟ ڪين ٻڌاءِ تہ اهي سڀ شيون دنيا ۾ ئي ايمان وارن لاءِ آهن، قيامت جي ڏينهن تہ خالص طور (دنيائي تڪليفن کان پاڪ) فقط، مومنن لاءِ آهن (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان پنهنجون آيتون (سمجهاڻيون ۽ حڪم) کولي کولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي علم ۽ سمجهہ رکن ٿا.

قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٣

(٣٣) (اي پيغمبر! تون ماڻهن کي) ٻڌاءِ تہ منهنجي پروردگار تہ بي حيائيءَ جون ڳالهيون ۽ ڪم حرام ڪيا آهن، پوءِ اهي ظاهر هجن توڙي لڪل هجن ۽ پڻ گناه جا ڪم ۽ زيادتي وارا ڪم جي حق ۽ انصاف جي خلاف هجن (حرام ڪيا اٿس ۽ هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي اٿس تہ) اوهان الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو جنهن لاءِ ڪابہ سند نازل ڪانہ ڪئي اٿس ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ حرام ٺهرائي ايس جو) خدا تي اهڙيون (ڪوڙيون) ڳالهيون مڙهيو جن بابت توهان کي ڪوبہ علم ڪونهي.

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ۝٣٤

(٣٤) ۽ هرهڪ قوم لاءِ هڪڙو وقت ٺهرايل آهي (جنهن وقت هن تي عذاب ايندو يا بربادي ٿيندي) پوءِ جڏهن هنن تي اهو وقت اچي ويندو تڏهن نڪي هڪ گهڙي (ان عذاب يا تباهي کي) دير ڪرائيندا نڪي هڪ گهڙي ان کي اڳي آڻي سگهندا.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝٣٥

(٣٥) اي آدم جا اولاد! جڏهن جڏهن اوهان ڏي اوهان منجهان رسول اچن جي اوهان کي منهنجون آيتون پڙهي ٻڌائين تڏهن جيڪو بہ تقويٰ اختيار ڪندو (يعني گناهن کان پاڻ بچائيندو) ۽ نيڪ عمل ڪندو تہ پوءِ اهڙن ماڻهن لاءِ نڪو ڪو خوف هوندو نڪي هو غمگين ٿيندا.

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٣٦

(٣٦) ۽ اهي ماڻهو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيو ۽ تڪبر ڪري انهن جي خلاف عمل ڪيائون سي دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا.

فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوۡ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمۡ نَصِيۡبُهُمۡ مِّنَ الۡكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوۡنَهُمۡ ۙ قَالُوۡۤا اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوۡا ضَلُّوۡا عَنَّا وَشَهِدُوۡا عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ اَنَّهُمۡ كَانُوۡا كٰفِرِيۡنَ ۝٣٧

(٣٧) پوءِ اهڙي شخص کان ڪير وڏيڪ ظالم ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙ مڙهي ۽ سندس حڪمن کي ڪوڙو ٺهرائي رد ڪري. انهن ماڻهن جي نصيب ۾ جيڪي لکيل آهي، سو کين (هن دنيا ۾) ملندو. تان جو جڏهن اسان جا موڪليل (موت جا ملائڪ) سندن جانيون قبض ڪرڻ لاءِ وٽن پهچي ويندا، تڏهن کين (اهي ملائڪ) چوندا ته توهان الله کي ڇڏي جن (ديوتائن) کي پڪاريندا هئو سي ڪٿي آهن؟ هو (ڪافر) جواب ۾ چوندا ته اسان کي ڇڏي گم ٿي ويا ۽ اهي ڪافر پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيندا ته سچ پچ اسان ڪافر هئاسين.

قَالَ ادۡخُلُوۡا فِىۡۤ اُمَمٍ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ مِّنَ الۡجِنِّ وَالۡاِنۡسِ فِى النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتۡ اُمَّةٌ لَّعَنَتۡ اُخۡتَهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوۡا فِيۡهَا جَمِيۡعًا ۙ قَالَتۡ اُخۡرٰٮهُمۡ لِاُوۡلٰٮهُمۡ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ اَضَلُّوۡنَا فَاٰتِهِمۡ عَذَابًا ضِعۡفًا مِّنَ النَّارِ ؕ قَالَ لِكُلٍّ ضِعۡفٌ وَّلٰـكِنۡ لَّا تَعۡلَمُوۡنَ ۝٣٨

(٣٨) (پوءِ الله تعاليٰ جو) حڪم ٿيندو ته جيڪي (منڪر) ٽوليون جنن ۽ انسانن مان توهان کان اڳي گذريون آهن تن سان گڏ توهان به دوزخ ۾ داخل ٿيو. جڏهن به ڪا ٽولي دوزخ ۾ داخل ٿيندي تڏهن اڳي داخل ٿيل ٽوليءَ تي لعنت ڪندي (چو ته انهن وڏن ننڍن کي سنئين واٽ نه ڏيکاري). تان جو جڏهن اهي سڀ ٽوليون ان ۾ گڏ ٿي وينديون تڏهن پويون ٽوليون اڳين ٽولين بنسبت چونديون ته اي اسان جا پروردگار! هنن ماڻهن اسان کي گمراه ڪيو هو، تنهن ڪري هنن کي دوزخ جي باه جو ٻيڻو عذاب ڏي. الله تعاليٰ فرمائيندو ته، توهان سڀني (اڳوڻن توڙي پوين) لاءِ ٻيڻو عذاب آهي، پر توهان نٿا ڄاڻو (جيئن اڳوڻن اوهان کي گمراه ڪيو، تيئن اوهان به ننڍن کي گمراه ڪيو).

وَقَالَتۡ اُوۡلٰٮهُمۡ لِاُخۡرٰٮهُمۡ فَمَا كَانَ لَـكُمۡ عَلَيۡنَا مِنۡ فَضۡلٍ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ۝٣٩

(٣٩) ۽ پهريون ٽوليون پوئين ٽولين کي چونديون ته اوهان اسان کان بهتر ڪونه آهيو. سو توهان به جيڪي عمل ڪمايا آهن، تن جي بدلي ۾ عذاب چکو.

## رکوع 5

**بهشت وارن جون دليون بغض ۽ ساڙ کان پاڪ هونديون.**

اِنَّ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَاسۡتَكۡبَرُوۡا عَنۡهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمۡ اَبۡوَابُ السَّمَآءِ وَلَا يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَـنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الۡجَمَلُ فِىۡ سَمِّ الۡخِيَاطِ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡمُجۡرِمِيۡنَ ۝٤٠

(٤٠) يقين ڄاڻو ته جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرائي رد ڪيو ۽ تڪبر ڪري انهن جي مخالفت ڪئي تن جي لاءِ آسمان جا (يعني معافي ۽ رحمت جا) دروازا نه کوليا ويندا، نڪي اهي جنت ۾ داخل ٿيندا جيستائين ڪ اٺ سئيءَ جي سوراخ مان لنگهي وڃي. (يعني نڪي اٺ سئيءَ جي سوراخ مان لنگهي سگهندو نڪي هو جنت ۾ داخل ٿي سگهندا) اهڙيءَ طرح اسان گنهگارن کي (بدعملن جو) بدلو ڏيون ٿا ۽ ڏينداسين.

لَهُمۡ مِّنۡ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنۡ فَوۡقِهِمۡ غَوَاشٍ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجۡزِى الظّٰلِمِيۡنَ ۝٤١

(٤١) انهن (منڪرن) لاءِ باه بسترو ٿيندي (يعني باه تي ليٽايا ويندا) ۽ سندن مٿان به باه جي چادر يا سوڙ هوندي، ظالمن کي اسان اهڙيءَ طرح (سندن ظلم جو) بدلو ڏيندا آهيون.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ ۡ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل بہ ڪيا (ياد رکڻ گهرجي تہ) اسان ڪنهن بہ شخص کي سندس طاقت کان ٻاهر (نيڪ عملن ڪرڻ جي) تڪليف نٿا ڏيون. اهي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشہ جنت ۾ رهندا.

وَنَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدٰىنَا لِهٰذَا ۗ وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْ لَآ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۗ وَنُوْدُوْٓا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ انهن (نيڪ ماڻهن) جي سينن ۾ جيڪو ڏک يا ڪينو (انهن بنسبت جن ڪين دنيا ۾ ايذاءَ ڏنا هئا) هوندو، سو اسان ڪڍي ڇڏينداسين. (انهيءَ لاءِ تہ هنن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون ۽ هو (بي اختيار) چئي ڏيندا تہ حمد (يعني سڀ ساراهہ) آهي الله جي، جنهن اسان کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ تي هلايو. ۽ (ان واٽ تي هلڻ سببان) اسان کي هن (جنت) ڏانهن آندائين. جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان کي سڌي واٽ تي نہ لڳائي ها تہ اسان پنهنجو پاڻ ڪڏهن بہ اها واٽ نہ لهي سگهون ها. اسان جي پروردگار جا رسول سچ پچ حق ۽ صداقت ڪٽي اسان وٽ آيا هئا. پوءِ انهن (نيڪ ماڻهن) کي پڪاري چيو ويندو تہ ڏسو اها اٿو جنت جا اوهان جي (نيڪ) عملن سبب اوهان کي ورثي ۾ ڏني وئي آهي.

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ۗ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ جنت وارا ماڻهو دوزخ وارن کي سڏي چوندا تہ جنهن ڳالهہ جو واعدو اسان جي پروردگار اسان سان ڪيو هو سو اسان جي حق ۾ سچو نڪتو (۽ اسان جنت ۾ داخل ٿيا آهيون) (هاڻي اوهان ٻڌايو تہ) جيڪو واعدو (دوزخ ۾ وجهڻ جو) اوهان جي پروردگار اوهان سان ڪيو هو سو بہ اوهان جي حق ۾ سچو نڪتو آهي يا نہ؟ اهي چوندا تہ هائو (اهو واعدو بہ سچو نڪتو ۽ اسان دوزخ جو عذاب پيا ٿا چکون) پوءِ هڪڙو آواز ڏيندڙ انهن ۾ آواز ڏيندو تہ ظالمن تي خدا جي لعنت آهي.

الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) (انهن ظالمن تي خدا جي لعنت آهي) جي ماڻهن کي الله جي راهہ (تي هلڻ) کان روڪيندا هئا ۽ ان (واٽ) ۾ ڏنگائي ڦڏائي (۽ عيب) ڳوليندا هئا (۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا) ۽ هو آخرت جا منڪر هئا، (تنهن ڪري ئي هو بيباڪ ٿي اهي ڪم ڪندا هئا).

وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّاۢ بِسِيْمٰىهُمْ ۚ وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۗ لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ جنتي ماڻهن ۽ دوزخي ماڻهن جي وچ ۾ پردو هوندو. پر اتاهين جاين تي (پيغمبر ۽ ٻيا صالح) ماڻهو هوندا جيڪي بهشتين ۽ دوزخين کي سندن نشانين منجهان سڃاڻي وٺندا ۽ جنتين کي سڏي چوندا تہ اوهان تي سلامتي هجي (اوهان اجهو ٿا جنت ۾ داخل ٿيو). اهي اڃا (جنت ۾) داخل ڪونہ ٿيا هوندا پر ڪين اميد ۽ آسرو هوندو (تہ اجهو ٿا داخل ٿيون).

وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) ۽ (وري) جڏهن (انهن صالحن جون) اکيون دوزخين تي پونديون تڏهن هو چوندا تہ، اي اسان جا پروردگار! اسان کي ظالمن جي سنگت ۾ نہ موڪلجانءِ.

## رڪوع 6

### اتي مسڪينن جي سامهون ظالم وڏيرن کي پشيمان ۽ ذليل ڪيو ويندو

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ قَالُوْا مَآ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ مٿاهين جاين وارا (دوزخي) ماڻهن کي، جن کي سندن نشانين جي ڪري سڃاڻي وٺندا، سڏ ڪري چوندا ته، توهان جو وڏو لشڪر (يا گڏ ڪيل ناڻو ۽ سامان) ۽ توهان جو تڪبر توهان کي ڪنهن به ڪم نه آيو. (اهو توهان کي توهان جي بدعملن جي نتيجن کان بچائي نٿو سگهي.)

اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ۭ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) (پوءِ مٿاهين جاين وارا صالح ماڻهو تڪبر ڪندڙ دولتمند دوزخي ماڻهن کان پڇندا ته) هي جنتي اهي ئي (مسڪين) ماڻهو ناهن جن بنسبت توهان (ڏڪار ۽ نفرت سان) قسم کڻي چوندا هئو ته، انهن تي الله تعاليٰ هرگز رحمت نه ڪندو؟ (هاڻي ته اکيون کولي ڏسي سگهو ٿا). (الله تعاليٰ انهن مسڪينن کي خطاب ڪري فرمائي رهيو آهي ته) جنت ۾ داخل ٿيو اوهان تي ڪوبه خوف خطرو ڪونه هوندو ۽ نڪي توهان غمگين ٿيندؤ.

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۭ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ دوزخ وارا ماڻهو جنت جي ماڻهن کي سڏي چوندا ته اسان تي ڪجهه پاڻي ڇٽڪايو (يا پرڻايو، جو گرمي اسان کي بي تاب ڪري وڌو آهي.) ۽ جيڪي الله تعاليٰ اوهان کي کائڻ لاءِ ڏنو آهي، تنهن مان اسان کي به ڪجهه ڏيو. اهي جنتي ماڻهو جواب ڏيندا ته الله تعاليٰ اهي ٻئي شيون حق جي منڪرن لاءِ حرام ٺهرايون آهن. (تنهن ڪري اوهان کي ڪونه ملي سگهنديون.)

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ نَنْسٰىهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿٥١﴾

(٥١) (اهي ڪافر انهن نعمتن کان محروم رهندا) جن پنهنجي دين کي کيل تماشو بنائي رکيو هو ۽ جن کي هن دنيا جي زندگيءَ (جي حرص هوسن) فريب ڏنو. تنهن ڪري اڄ (قيامت جي ڏينهن) اسان هنن کي (ڄاڻي واڻي) وساري ڇڏينداسين جو هنن به هن پنهنجي ڏينهن تي اسان وٽ حاضر ٿيڻ (جي حقانيت) کي وساري ڇڏيو هو ۽ (پڻ هن ڪري اسان کين وساري ڇڏينداسين جو) هنن اسان جي آيتن (۽ حڪمن) کي نه مڃيو هو (۽ انهن جي ابتڙ عمل ڪيا هئا.)

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾

(٥١) ۽ اسان هنن (سيني ماڻهن) ڏانهن هڪ ڪتاب (قرآن مجيد) آندو آهي ۽ اسان ان ڪتاب ۾ (پنهنجي ڪامل) علم (۽ حڪمت) سان تفصيل سان روشن هدايتون ڏنيون آهن. (اهو ڪتاب) ايمان آڻيندڙ ماڻهن لاءِ (ڪاميابيءَ جي) راه ڏيکاريندڙ ۽ (سراسر) رحمت آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ۭ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ

(٥٣) ڇا اهي (منڪر) ماڻهو فقط انهيءَ لاءِ ترسيا ويٺا آهن ته ڏسون ته ڪيئن ۽ ڪڏهن خدا جو واعدو ۽ حڪم (عذاب بنسبت) سچو ٿو ثابت

جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ
شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ
الَّذِیْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَ
ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٥٣﴾

ٿئي؟ (اهي بيوقوف ايترو به نٿا سمجهن ته) جڏهن اهو ڏينهن ايندو جنهن ڏينهن خدا جو واعدو سچو ثابت ٿيندو (تڏهن ايمان آڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جو وقت گذري ويو هوندو ۽ عذاب کي هو ٽاري ڪونه سگهندا ۽) جن (ڪافرن) ان (قيامت جي) ڏينهن کي اڳي خيال ۾ ئي ڪونه آندو هو سي پوءِ چوندا ته بيشڪ اسان جي پروردگار جا رسول سچائي سان آيا (۽ سچ ٻڌايائون ته منڪر دوزخ ۾ پوندا) ۽ پڻ چوندا ته ڪي شفاعت ڪرڻ وارا هجن جيڪي اسان جي لاءِ (خدا وٽ) سفارش ڪن. يا (شال هيئن ٿئي جو) اسان کي (دنيا ۾) موٽايو وڃي ته جيڪي (بد) عمل اسان ڪيا هئا تن جي ابتڙ (نيڪ) عمل وڃي ڪيون. (پر نڪو هوندن ڪو سفارش ڪرڻ وارو، نڪي دنيا ڏانهن موٽايا ويندا). حقيقت هي آهي ته هنن پاڻ کي پاڻ نقصان هيٺ آندو ۽ جيڪي ڪوڙ ناهيا هئائون ۽ ڪوڙا ديوتائون ٺهرايا هئائون سي ڪائئن گم ٿي ويا.

## رڪوع 7

### خدا جي رحمت نيڪ عمل ڪندڙن کي ويجهي آهي ۽ اهي ڪامياب ٿيندا

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
فِیْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰی عَلَی الْعَرْشِ ۚ
يُغْشِی الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا ۙ وَّ
الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ
اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) (اي انسانو) بيشڪ توهان جو پروردگار الله ئي آهي، جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ خلقيو ۽ (شهنشاهت جي) تخت تي قائم ۽ محڪم رهيو (يعني دنيا جي نگهباني ڪندو ٿو رهي.) اهوئي الله تعاليٰ رات سان ڏينهن کي ڍڪي ٿو (يعني رات جو پردو ڏينهن تي پوي ٿو) ۽ رات ڏينهن جي پنيان ڇهتي ملي اچي ٿي ۽ هن سج، چنڊ ۽ تارا بنايا جي سندس فرمان هيٺ آهن. (ياد رکو ته) خلقڻ ۽ حڪم هلائڻ فقط الله تعاليٰ جو ئي ڪم آهي. (نه ڪنهن ٻئي جو) وڏي برڪت واري آهي ذات الله جي جو سڄي جهان جو پروردگار آهي.

اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّ خُفْيَةً ؕ اِنَّهٗ لَا
يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) (اي انسانو!) خدا کي نماڻائي ۽ آه زاريءَ سان ۽ خلوت ۾ (اڪيلائي ۾ آهسته آهسته، (نه وڏي واڪي سان) پڪاريو. (ياد رکو ته الله تعاليٰ دل جا خيال به ڄاڻي ٿو. ظاهري ڏيک ويک ڪرڻ ۽ هٺ وڏائي رکڻ واري دعا يا نماز گهربل اخلاقي بلندي ۽ روحانيت پيدا نه ڪندي اٽلندو خدا کان دور ڪندي) يقين ڄاڻو ته الله انهن کي حب نٿو ڪري جي حدن کان ٻاهر وڃن.

وَلَا تُفْسِدُوْا فِی الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَ
ادْعُوْهُ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ؕ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ
مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) (اهڙي دعا زمين تي سڌارو ۽ امن امان پيدا ڪندڙ آهي) ۽ توهان (اي انسانو) متان درستي انتظام ۽ امن امان بعد زمين تي فساد ۽ خرابيون پيدا ڪيو (ان لاءِ ضروري آهي ته) الله تعاليٰ کي خوف ۽ اميد جا جذبا رکي پڪاريو. (خوف اهو رکو ته متان اوهان کان خدا جي نافرمانيءَ جو ڪو

ڪم تي وجي ۽ اميد اها رکو تہ چڱن ڪمن لاءِ توهان کي برڪتون نصيب ٿينديون) بيشڪ الله جي رحمت نيڪيون ڪندڙن کي بلڪل ويجهي آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۭ حَتّٰٓي اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَاۗءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۭ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝57

(٥٧) ۽ اهوئي (الله) آهي جو هوائن کي پنهنجي رحمت (يعني برسات کان اڳي برسات) جي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ هوائيون موڪلي ٿو، تان جو جڏهن اهي هوائون (مينهن سان ڀريل) ڳورن ڪڪرن کي کڻي هلن ٿيون تڏهن اسان انهن (هوائن ۽ ڪڪرن) کي مئل (يعني خشڪ ۽ غير آباد) ملڪن ڏانهن هڪاليون ٿا ۽ انهن ملڪن تي (برسات جو) پاڻي انهن ڪڪرن مان وسايون ٿا، پوءِ اسان ان پاڻيءَ جي وسيلي هر قسم جا ميوا ۽ ڦل پيدا ڪيون ٿا. (ياد رکو تہ) اهڙيءَ ئي طرح اسان مئلن کي (وري زنده ڪري) ٻاهر آڻيون ٿا، انهيءَ لاءِ تہ من توهان غور ۽ فڪر ڪريو ۽ نصيحت وٺو.

وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ۭ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ۝58ۧ

(٥٨) ۽ جيڪا زمين پلي ۽ سٺي آهي تنهن جي (ڪارائتي) سبزي خدا جي حڪم سان خوب اپڙي ٿي، پر جيڪا زمين خراب آهي تنهن مان ڪجھ نٿو اپڙي سواءِ بيڪار ٻوٽن جي. اهڙيءَ طرح اسان انهن ماڻهن لاءِ جي خدا جي نعمتن جو قدر ڪندڙ آهن ۽ انهن مان فائدو وٺن ٿا، پنهنجون آيتون کولي کولي طرح طرح سان بيان ڪيون ٿا.

## رکوع 8

### اسان کي پنهنجن گمانن نا هڻ بدران رسولن تي ويساه ڪرڻ گهرجي

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝59

(٥٩) بيشڪ اسان حضرت نوح کي سندس قوم ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو، سو هن پنهنجي قوم کي (همدردي ۽ محبت وچان) چيو تہ اي منهنجي (پياري) قوم! الله جي بندگي ڪريو (شيطان جي بندگي ڇڏي ڏيو، يعني ٻين تي ظلم ڪرڻ ۽ ٻيا گناه جا حڪم ڦٽي ڪيو. ياد رکو تہ) الله کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪيو. خدا جي حڪمن جي خلاف ڪنهن جي بہ حڪم جي تعميل ڪرڻي ناهي) بيشڪ مون کي اوهان جي بنسبت ڏاڍو خوف آهي تہ متان اوهان تي وڏي ڏينهن جو عذاب اچي ڪڙڪي.

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝60

(٦٠) سندس قوم جي سردارن چيو تہ (اي نوح) اسان توکي يقيناً کلي ۽ چٽي گمراهيءَ ۾ ڏسي رهيا آهيون.

قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝61

(٦١) حضرت نوح فرمايو تہ اي منهنجي قوم! مون ۾ تہ ڪابہ گمراهيءَ جي ڳالھ ڪانهي، بلڪ مان تہ سڄي جهان جي پروردگار وٽان (اوهان ڏي) رسول ٿي آيو آهيان.

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ

(٦٢) مان اوهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام ۽ حڪم پهچايان ٿو ۽ مان

مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾

توهان کي اخلاص سان چڱيون نصيحتون ٿو ڏيان (۽ اوهان جو ڀلو ٿو چاهيان. مان توهان کي حقيقت ٿو ٻڌايان ته) مون کي الله تعاليٰ وٽان انهن ڳالهين جو علم ٿو ملي جن ڳالهين جي اوهان کي ڪجهه به خبر ڪانهي.

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) توهان کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ڇا ته توهان مان هڪڙي شخص جي وسيلي توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي پيغام ۽ نصيحت اچي انهيءَ لاءِ ته توهان کي (نافرماني ۽ بدعملن جي نتيجن کان هو خبردار ڪري ۽) خوف ڏياري ۽ انهيءَ لاءِ ته توهان خدا جو خوف رکي صالح عمل ڪيو ته من توهان تي رحمت ٿئي.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِى الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) پوءِ (اهڙين سهڻين هدايتن ملڻ بعد به) هنن (منڪرن) حضرت نوح کي ڪوڙو ٺهرايو (۽ ڌمڪيون ڏنيون) پر اسان ڪيس ۽ جيڪي ساڻس (دين ۾) شامل هئا ٻيڙيءَ ۾ (چاڙهي ٻوڏ کان) بچايو. پر جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو تن کي (ٻوڏ جي پاڻي ۾) غرق ڪري ڇڏيوسين. يقيناً اهي (منڪر) ماڻهو (دل ۽ دماغ جا) انڌا ٿي ويا هئا.

رڪوع 9

**گمراهه ماڻهو حق جو سڏ ڏيڻ تي پنهنجي خانداني ۽ نسلي وڏڙن جو ٻهانو وٺن ٿا.**

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ (ساڳيءَ طرح) اسان قوم ڏي ( جا عربستان جي ڏکڻ ۾ رهندي هئي) سندن ڀاءُ حضرت هود کي رسول ڪري موڪليو. هن کين چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪيو، ڪانئس سواءِ ٻيو ڪوبه اوهان جو معبود ڪونهي (جنهن جي عبادت ڪيو) پوءِ توهان (سندس نافرمانيءَ جي نتيجن ۽ سزا کان) نٿا ڊڄو ڇا؟

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِىْ سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) پر سندس قوم مان جن مڃڻ کان انڪار ڪيو تن جي سردارن چيو ته اسان ڏسون ٿا ته تون حماقت (يعني بي وقوفي) ۾ پيل آهين ۽ تو کي اسان يقيناً ڪوڙو ٿا سمجهون.

قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِىْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّىْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) (حضرت هود کين جواب ۾) چيو ته اي منهنجي قوم! مون ۾ ته تر جيتري حماقت به ڪانهي، بلڪ مان ته سڀ جهانن جي پروردگار جي طرفان رسول ٿي آيو آهيان.

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّىْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾

(٦٨) آءٌ اوهان کي پنهنجي پروردگار جا پيغام ۽ حڪم پهچايان ٿو ۽ ايمانداريءَ سان توهان کي چڱيون نصيحتون ٿو ڏيان ۽ اوهان جو سچو خيرخواهه آهيان.

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ

(٦٩) توهان کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ڇا ته توهان مان هڪڙي

عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ۚ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ
جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ
زَادَكُمْ فِى الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ
اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝٦٩

ماڻهو جي معرفت توهان جي پروردگار وٽان پيغام ۽ نصيحت آئي آهي؟ (حضرت هود اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي) انهيءَ لاءِ ته توهان کي (گناهن ۽ ظلمن جي بدلي ۾ ايندڙ عذابن کان) خبردار ڪري (هيءَ حقيقت) ياد ڪريو ته الله تعاليٰ نوح جي قوم کان پوءِ اوان کي سندن جانشين ڪيو ۽ قد، بت ۽ طاقت ۾ (ٻين قومن کان) وڌيڪ ڪيو. سو (اها ڳالهه ياد رکو ته) الله تعاليٰ جي نعمتن کي نه وساريو (۽ سندس نعمتن جو قدر ڪري سندس حڪمن جي پيروي ڪريو) انهيءَ لاءِ ته ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪيو.

قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ
مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا
تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٧٠

(٧٠) هو (هٺيلا) چوڻ لڳا ته ڇا تون اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ته اسان فقط هڪ الله جي بندگي ڪيون ۽ جن جي بندگي اسان جا ابا ڏاڏا ڪندا آيا آهن تن کي ڇڏي ڏيون؟ جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه سچي آهي (ته اسان تي عذاب ايندو) ته پلا جنهن عذاب جو اسان کي دڀ ڏيارين ٿو سو آڻ. (اسان کي ته يقين آهي ته تون ڪوڙو آهين ۽ اسان تي عذاب ڪونه ايندو).

قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّ
غَضَبٌ ۚ اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ
سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ
بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۚ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ
مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝٧١

(٧١) حضرت هود جواب ۾) فرمايو ته (جيڪڏهن توهان ايمان نٿا آڻيو ته ڏسو) توهان جي پروردگار جي طرف کان توهان تي عذاب ۽ غضب اچي ڪڙڪيو آهي. ڇا توهان مون سان (ديوتائن جي سڪڻن) نالن جي باري ۾ بحث ۽ جهڳڙا ٿا ڪيو جي نالا توهان ۽ توهان جي وڏن پاڻ هٿراڌو ٺاهيا آهن جن بابت الله تعاليٰ ڪابه سند نازل نه ڪئي آهي؟ (جيڪڏهن توهان فلاح ۽ سعادت جي بدران عذاب ٿا گهرو ته) پوءِ (عذاب جو) انتظار ڪيو، مان به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان. (ترسو تباهي اجها ٿي اچي).

فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ
قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا
مُؤْمِنِيْنَ ۝٧٢ ۧ

(٧٢) پوءِ (ٿيو به ائين) اسان حضرت هود کي ۽ انهن کي جي ساڻس (دين ۾) شامل ٿيا هئا. (ايندڙ تباهيءَ کان) پنهنجي رحمت سان بچايو. پر جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ ايمان نه آندائون تن جون پاڙون به وڍي پٽي ڇڏيون سين.

رڪوع 10

**حضرت صالح ۽ حضرت لوط جي پنهنجي قومن کي گناهن تي تنبيهه**

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ
اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ قَدْ
جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ هٰذِهٖ نَاقَةُ
اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ

(٧٣) ثمود جي قوم ڏي به اسان سندن ڀاءُ حضرت صالح کي (پيغمبر ڪري) موڪليو. حضرت صالح (عليه السلام) ڪين چيو ته اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪيو. اوهان جي لاءِ ڪائنس سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي (جو بندگيءَ جو لائق هجي) توهان جي پروردگار وٽان توهان ڏي روشن دليل اچي چڪو آهي. هيءَ (جا ڏسو ٿا) خدا جي (موڪليل)

وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (٧٣)

ڏاچي آهي جا توهان لاءِ نشاني آهي، ان ڏاچيءَ کي چوڻ چرڻ ڇڏيو ته خدا جي زمين تي چرندي وتي ۽ برائي جي نيت سان ان کي رڳو هٿ به نه لائجو. (جيڪڏهن ان کي ڪو نقصان رسائيندؤ ته) پوءِ اوهان تي سخت عذاب اچي ڪڙڪندو.

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّ بَوَّاَكُمْ فِى الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّ تَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ (٧٤)

(٧٤) ۽ اهو وقت ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ اوهان کي عاد قوم کان پوءِ زمين تي سندن جانشين ڪيو ۽ زمين تي توهان کي (چڱيون) رهڻ جون جايون ڏنيون. توهان ان زمين جي ميدانن تي محلاتون ٺاهيو ٿا ۽ جبلن کي ٽڪي ٽڪي گهر ٺاهيو ٿا (يعني جبلن ۾ اندر غار ٺاهي تراشي تراشي سهڻا گهر بنايو ٿا) پوءِ الله تعاليٰ جي (اهڙين) نعمتن کي ياد ڪريو (۽ سندس نعمتن لاءِ شڪر گذار ٿي ڪري صالح عمل ڪيو) ۽ زمين تي فتنا فساد نه ڪندا وتو.

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ (٧٥)

(٧٥) تنهن تي (حضرت صالح جي) قوم جي هٺيلن سردارن انهن مسڪينن ضعيفن کان جن (حضرت صالح تي) ايمان آندو هو (ٽوڪ طرح) پڇيو ته، توهان کي خبر آهي ڇا ته صالح سچ پچ پنهنجي پروردگار جي طرفان موڪليل مرسل آهي؟ هنن (مسڪين مومنن) وراڻي ڏني ته، بيشڪ اسان انهن (سچين حقيقتن ۽ حڪمن) تي ايمان آندو آهي جن سان هن کي خدا موڪليو آهي.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِىْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ (٧٦)

(٧٦) هٺيلن سردارن تنهن تي چيو ته، جن ڳالهين کي توهان (چڱيون سمجهي) ايمان آندو آهي تن کان اسان انڪار ٿا ڪريون (جو اسان کي اها تعليم ڪانه ٿي وڻي. ڀلا خودغرض ظالمن کي اها تعليم ڪيئن وڻندي ته مسڪينن سان عدل ۽ احسان ڪيو ۽ خدا جي زمين تي تڪبر سان نه گهمو).

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ (٧٧)

(٧٧) (پوءِ ڇا ڪيائون جو) انهيءَ ڏاچيءَ کي زخمي ڪيائون ۽ هٺيلائيءَ سان پنهنجي پروردگار جي حڪم جي مخلفت ڪيائون. ۽ (آڪڙ ۾ پرجي) چيائون ته اي صالح! جيڪڏهن تون مرسلن (موڪليلن) منجهان آهين ته ڀلا آڻ اهو عذاب جنهن جو اسان کي خوف ڏياريندو آهين. (اسان کي ته يقين آهي ته نڪي تون سچو رسول آهين، نڪي اسان تي ڪو عذاب ايندو).

فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِىْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ (٧٨)

(٧٨) پوءِ (نيٺ خدا جو غضب منڪرن تي اچي ڪڙڪيو ۽) سخت زلزلي (يعني ڌرتيءَ جي ڌٻڻ) هنن کي اوچتو گهيري ورتو جنهن جي ڪري هو پنهنجي گهرن ۾ ڪريل ۽ ليٽيل حالت ۾ (ڌٻجي پورجي) فنا ٿي ويا (صبح جي وقت اونڌي منهن پيا هئا).

فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ

(٧٩) ان وقت (حضرت صالح) هنن کان پنهنجو منهن ڦيرايو ۽ فرمايو ته،

رِسَالَةَ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٧٩﴾

اي منهنجي قوم! مون ته پنهنجي پروردگار جو پيغام اوهان کي پهچائي ڏنو ۽ توهان جي خيرخواهي ڪري اوهان کي چڱيون نصيحتون ٻڌايم، پر (افسوس جو) توهان خيرخواهن ۽ نصيحت ڪندڙن کي پسند نٿا ڪيو (هاڻي چکو خدا جو عذاب).

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) ۽ لوط کي به اسان هڪڙي قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو) هن پنهنجي قوم کي چيو ته (وڏي شرم جي ڳالهه آهي) ڇا توهان اهڙي بي شرميءَ جو ڪم ٿا ڪيو جو اوهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن به نه ڪيو.

اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ۭ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾

(٨١) (يعني) توهان عورتن کي ڇڏي مردن ڏي شهوت راني ڪرڻ لاءِ ويندا آهيو ڇا؟ بلڪ (افسوس ۽ شرم!) توهان ماڻهو (فطرت جي) حدن کان ٻاهر نڪري ويا آهيو.

وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) پر هنجي قوم جو جواب ٻيو ڪوبه ڪونه هو، سواءِ هن جي جو چوڻ لڳا ته هنن (يعني حضرت لوط ۽ ايمان وارن) کي پنهنجي شهر مان لوڏي ٻاهر ڪيو. اهي ماڻهو (ڏسو جو) اچي پاڪ ۽ صاف بڻيا آهن!

فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ڮ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾

(٨٣) پوءِ اسان حضرت لوط کي ۽ سندس ماڻهن کي (ايندڙ مصيبت کان) بچايو (يعني شهر مان ٻاهر آندو) سواءِ سندس زال جي جا پٺتي رهيل (عذاب چکڻ وارن منڪرن) ماڻهن ۾ رهجي پئي.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۭ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾

(٨٤) ۽ پوءِ اسان انهن منڪرن تي پٿرن جو مينهن وسايو، پوءِ ڏسو ته گنهگارن جي پڇاڙي ڪهڙي (نه خراب) ٿي.

## رکوع 11

**حضرت شعيب جي تبليغ ته ماپ تور پوري ڪريو، امن رکو ۽ فساد نه پکيڙيو**

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ قَدْ جَاۗءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَاۗءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) ۽ الله تعالي! مدين وارن ڏي سندن ڀاءُ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن ڪين چيو ته اي منهنجي قوم! فقط الله جي بندگي ڪيو. ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه اوهان جو معبود ڪونهي (جنهن جي عبادت ڪيو) توهان وٽ توهان جي پروردگار جي طرف کان روشن دليل اچي چڪو آهي. سو آئينده توهان ماپ ۽ تور پوري ڪندا ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ ڪري نه ڏيو ۽ ملڪ ۾ صلح امن امان ۽ انتظام هئڻ بعد وري فساد نه پکيڙيو. توهان ۾ جيڪڏهن ايمان هجي ته ان ۾ (يعني مٿين حڪمن مڃڻ ۾) توهان جي لاءِ گهڻي چڱائي ۽ بهتري آهي.

وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ

(٨٦) ۽ ائين نه ڪيو، جو هرهڪ رستي تي ويهي ماڻهن کي دڙڪا ڏيو ۽ ديڄاريو ۽ الله جي راهه (سچي دين) کان انهن کي روڪيو جي الله تي ايمان ٿا آڻين. ۽ ان سچي راهه ۾ ڏنگائي ڦڏائي ڳولڻ لڳو ۽ اهو وقت ياد

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۠ وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۶﴾

كيو جڏهن توهان ٿورڙا هئو. ۽ الله تعاليٰ اوهان کي تعداد ۾ وڌايو ۽ اکيون کولي ڏسو تہ فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي!

وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

(۸۷) ۽ جيڪڏهن هڪ ٽولي اهڙي آهي جا توهان مان هن پيغام تي ايمان رکي ٿي جنهن جي پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ مونکي (رسول ڪري) موڪليو آهي ۽ هڪ ٽولي اهڙي آهي جا ان تي ايمان نہ ٿي آڻي تہ (ان حالت ۾) صبر ڪريو، جيستائين الله تعاليٰ اسان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ۽ (يقين ڄاڻو تہ) اهوئي بهترين فيصلو ڪندڙ حاڪم آهي.